
هفتيوار رسالو

امير اهل سنت جو تقريباً 22 سال پراڻو بيان

# وسيلي جون برڪتون



عمل جيترو ڏکيو اوترو ئي وزندار

گوشت جو ٽڪر ڪباب ٿي ويو

گناهه کان بچڻ جو وسيلو

۽ جنتون عطا ڪيون ويون


شيخ طريقت، امير اهلسنت، دعوتِ اسلامي جو باني، حضرت علامه مولانا ابو بلال

محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰہ جيڪو ڪجهہ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

**اَللّٰھُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام**

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ۱ ص۴۰ دار الفکر بيروت)



طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: وسيلي جون برڪتون

ڇاپو پهريون: ذيقعده 1447ھ، اپريل 2026ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهہ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

بـاني دعوت اسـلامي، حضـرت عـلامہ و مولانـا محمــد اليـاس عطـار قـادري

# وسيلي جون برڪتون

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميہ** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي تہ ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهہ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: 🖃 translation@dawateislami.net

# فهرست

## وسيلي جون برڪتون

دعاءِ عطار ........................................ 1
دُرُود شريف جي فضيلت ........................................ 1
وسيلي جون برڪتون ........................................ 1
عمل جيترو ڏکيو اوترو ئي وزندار ........................................ 6
ماءُ پيءُ جي دل خوش ڪرڻ ........................................ 8
گوشت جو ٽڪرو ڪباب ٿي ويو ها ........................................ 9
مقبول حج جو ثواب ........................................ 10
مهاجرين جي فُقرا جو وسيلو ........................................ 12
دامن جو ڏاڍو ........................................ 13
گناهه کان بچڻ جو وسيلو ........................................ 13
ٻ جنتون عطا ڪيون ويون ........................................ 15
محالِ عادي (ناممڪن) جي دعا نہ ڪرڻ گهرجي ........................................ 18

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖن ط

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡم ط بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡم ط

# وسيلي جون برڪتون

## دعاءِ عطار

اي الله پاڪ! جيڪو بہ هي رسالو ”**وسيلي جون برڪتون**“ پڙهي يا ٻڌي وٺي، ان ڪي دنيا ۽ آخرت ۾ نيڪين جي بهترين جزا عطا فرماءِ ۽ جنتُ الفردوس ۾ بي حساب داخلو ڏئي ڪري پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙيسري بڻائي ڇڏ.

اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## دُرُود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جڏهن بہ دوست پاڻ ۾ ملندا ۽ مصافحو ڪندا آهن ۽ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود پاڪ پڙهندا آهن تہ انهن ٻنهي جي جدا ٿيڻ کان پهريان انهن جا اڳيان پويان گناهہ بخشيا ويندا آهن. (شعب الايمان، 471/6، حديث: 8944)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## وسيلي جون برڪتون

اڳين زماني ۾ ٽي شخص ڪنهن سفر تي روانا ٿيا، سفر دوران رات گذارڻ لاءِ هڪ غار ۾ داخل ٿيا ۽ سمهي پيا. اوچتو هڪ وڏو پٿر ٽٽي ڪِريو ۽ غار جي منهن تي اچي ويو نتيجي ۾ غار بند ٿي ويو،

اندر تمام گهٽي اوندهہ هئي ...!! ٻاهر نڪرڻ جو ڪو رستو ئي نہ هو. وڏي مشڪل ٿي وئي، هاڻي هنن پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي چيو: اڄ تائين اوهان جيڪي بہ نيڪ عمل ڪيا آهن، اوهان جي نظر ۾ انهن مان جيڪو سڀ کان افضل عمل آهي، الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ ان جو وسيلو پيش ڪريو! جيئن تہ انهن مان هڪڙي بارگاهہ الٰهيءَ ۾ عرض ڪيو: اي الله! تون ڄاڻين ٿو تہ منهنجا والدين پوڙها ٿي ويا هئا ۽ مان ان وقت تائين پنهنجي ٻارن کي کير نہ پياريندو هئس جيستائين پنهنجي والدين کي انهن جي حصي جو کير نہ پياريندو هئس. اي پروردگار! تون ڄاڻين ٿو تہ هڪ ڀيرو مان پنهنجا جانور چاريندي پري نڪري ويس ۽ جڏهن رات جو گهر پهتس تہ ماءُ پيءُ سمهي چڪا هئا، مان انهن جي حصي جو کير کڻي سيراندي کان بيٺو رهيس ايتري تائين جو جڏهن گهٽي دير ڪانپوءِ انهن جي اک کُلي تہ مان کين کير پيش ڪيو ۽ پوءِ پنهنجي ٻارن کي پياريو ۽ پاڻ بہ پيتو. اي الله! جيڪڏهن منهنجو هي عمل تنهنجي رضا ۽ خوشنوديءَ لاءِ هو تہ ان جي برڪت سان ڇپَ کي غار جي منهن تان هٽائي ڇڏ ۽ اسان جي هن مصيبت کي دور فرماءِ. ان دعا جي برڪت سان ڇٽاڻ غار جي منهن تان ڪجهہ سُري وئي پر نڪرڻ جو رستو نہ ٺهيو.

ٻئي شخص عرض ڪيو: اي الله! مان پنهنجي سؤٽ سان محبت ڪندو هئس ۽ هوءَ مون کي ماڻهن ۾ سڀ کان وڌيڪ عزيز هئي. مون ان سان برائيءَ جو ارادو ڪيو پر اها منهنجي قابو ۾ نہ آئي. هڪ ڀيرو جڏهن ڏڪار پيو تہ هوءَ ڏڪار جو شڪار ٿي مدد جي لاءِ مون وٽ آئي، مون ان شرط تي کيس 120 دينار (يعني سون جون اشرفيون)

ڏنيون تہ هوءَ پاڻ کي منهنجي حوالي ڪندي. هوءَ تمام گهڻي مجبور هئي ان ڪري منهنجو هي شرط پورو ڪرڻ لاءِ راضي ٿي وئي. آخرڪار جڏهن مان پنهنجي خواهش پوري ڪرڻ تي قادر ٿي چڪو هئس تہ اها مون کي چوڻ لڳي: اي ياءُ! الله پاڪ کان ڊڄ ۽ هن مهر کي حق کان سواءِ نہ ٽوڙ. اي پروردگار! ان جي فرياد ڪرڻ تي مان گناهہ کان رڪجي ويس ۽ سون جون اشرفيون بہ ان کي ڏئي ڇڏيون. جيڪڏهن منهنجو هي عمل تنهنجي رضا ۽ خوشنوديءَ لاءِ هو تہ پوءِ تون اسان تان هن آفت کي دور ڪري ڇڏ. جيئن تہ ڇپ ڪجهہ وڌيڪ سُري وئي پر اجا بہ غار مان ٻاهر نڪرڻ ممڪن نہ هو.

هاڻي ٽئين شخص الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيو: اي الله! تون ڄاڻين ٿو تہ مون هڪ ڀيرو ڪجهہ ماڻهن کي مزدوريءَ تي رکيو ۽ انهن سڀني کي سندن مزدوري ادا ڪري ڇڏيم پر انهن مان هڪ شخص پنهنجي مزدوري کڻڻ کان سواءِ ئي هليو ويو. مون ان جي مزدوري ڪاروبار ۾ لڳائي ايتري تائين جو ان جو مال گهڻو ٿي ويو. ڪجهہ عرصي کانپوءِ اهو ئي مزدور مون وٽ آيو ۽ پنهنجي مزدوريءَ جو مطالبو ڪيائين. مون کيس چيو: هي جيڪي تون ٻڪريون، ڳئون، اُٺ ۽ غلام ڏسي رهيو آهين، اهي سڀ تنهنجي مزدوري آهي. هو هڪدم حيران ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو: اي الله جا ٻانها! مون سان مذاق نہ ڪر. مون ان کي چيو: مان توسان مذاق نہ پيو ڪريان، حقيقت هي آهي تہ تون مزدوري کڻڻ کان سواءِ هليو ويو هئين، تہ مون تنهنجي مزدوري ڪاروبار ۾ لڳائي جنهن مان ايتري برڪت ٿي جو هي ٻڪريون، اُٺ، ڳئون ۽ غلام وغيره گڏ ٿي ويا آهن ۽ هي سڀ تنهنجي

مزدوريءَ جي پيداوار آهن. اهو مزدور تمام گهڻو خوش ٿيو ۽ سڄو مال پاڻ سان گڏ وٺي ويو، هن ان مان ڪجهه به نہ ڇڏيو. اي اللہ! جيڪڏهن منهنجو هي عمل صرف تنهنجي رضا خاطر هو تہ تون اسان کي هن مصيبت کان نجات عطا فرماءِ! جيئن تہ اها ڇَپ غار جي منهن تان بلڪل هٽي وئي ۽ اهي ٽئي مسافر ٻاهر نڪري پنهنجي منزل ڏانهن روانا ٿي ويا. (بخاري، 48/2، حديث: 2215 ملخصاً)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هن واقعي ۾ اسان لاءِ بيشمار مدني گل آهن، مثال طور: جڏهن ڪا مصيبت اچي تہ ظاهري سبب اختيار ڪرڻ سان گڏو گڏ دعا ڏانهن بہ توجهہ ڏيڻ گهرجي پر افسوس! اسان هن معاملي ۾ ڪوتاهيءَ جو شڪار آهيون. اسان کي جڏهن ڪا مشڪل پيش ايندي آهي تہ اسان ان کي دور ڪرڻ جون تدبيرون ڪندا آهيون ۽ ماڻهن کي منٿون ميڙون ڪندا آهيون تہ اسان جو فلاڻو مسئلو حل ڪريو پر اللہ پاڪ ڏانهن رجوع نہ آهيون ڪندا. جيڪڏهن اسان مان ڪنهن کي زڪام، کنگهہ يا ڪا پريشاني اچي وڃي تہ هو فوراً دوائون استعمال ڪرڻ لڳي ويندو آهي ۽ پريشانيءَ کي حل ڪرڻ جون تدبيرون ڪرڻ لڳندو آهي پر بارگاهِ خداوندي ۾ ائين عرض گذار ناهي ٿيندو تہ اي اللہ! مون کي زُڪام ٿي ويو آهي، تون نيڪ ڪري ڇڏ، اي اللہ مون کي کنگهہ ٿي پئي آهي تون ڪرم فرماءِ، اي اللہ! اڄ منهنجي ڪم ۾ دل نٿي لڳي تون دل لڳائي ڇڏ، اي پروردگار! اڄ مون کي سستي محسوس ٿي رهي آهي تون چستي عطا فرماءِ، اي اللہ! منهنجو بلڊ پريشر هاءِ ٿي ويو آهي تون ان کي نارمل فرماءِ وغيره وغيره. ٿورو سوچيو! جيڪڏهن اسان دوا سان گڏ دعا کان بہ

ڪم ونئون تہ ان ۾ ڪهڙو حرج آهي؟ پر اسان دعا ڏانهن ان وقت متوجهہ ٿيندا آهيون جڏهن ڊاڪٽر چوندو آهي تہ هاڻي توهان جي مريض کي دعا جي ضرورت آهي، يعني جڏهن ڊاڪٽر دعا ڏانهن رهنمائي ڪندو آهي تڏهن اسان کي خبر پوندي آهي تہ اسان جي مريض کي دعا جي ضرورت آهي، ان کان پهريان اسان دعا کان غافل رهندا آهيون. اي ڪاش! اسان پهريان ئي دعا ڪرڻ وارا بڻجي وڃون!

ياد رکو! چاهي ڪهڙو بہ خطرناڪ مرض ڇو نہ هجي، اللہ پاڪ جي بارگاهہ ۾ دعا ضرور ڪرڻ گهرجي. اللہ پاڪ اسان کي پنهنجي بارگاهہ ۾ دعا ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي، جيئن تہ اللہ پاڪ جو فرمان آهي:

اُدْعُوْنِیْۤ اَسْتَجِبْ لَكُمْ ؕ

ترجموڪنزُالعرفان: مون کان دعا ڪيو مان توهان جي دعا قبول ڪندُس. (سيپارو: 24، المؤمن: 60)

ڪو بہ مرض لاعلاج ناهي، جيئن تہ حديثِ پاڪ ۾ آهي: اللہ پاڪ جيتريون بہ بيماريون لاٿيون آهن انهن جي دوا بہ لاٿي آهي. (بخاري، 16/4، حديث: 5678) ها هي ضرور آهي تہ ڪجهہ بيمارين جي علاج تائين ڊاڪٽرن جي پهچ نہ ٿي سگهي آهي ۽ اهي اجا تائين انهن جو علاج تلاش نہ ڪري سگهيا آهن.

ياد رهي! اللہ پاڪ کان وڏيڪ نہ تہ ڪو ڪم بڻائڻ وارو آهي ۽ نہ ئي آئنده ٿي سگهي ٿو، تنهنڪري جڏهن بہ ڪا ننڍي يا وڏي مصيبت

پيش اچي، جيتوڻيڪ ان مصيبت جو دور ٿيڻ بظاهر ناممڪن نظر ايندو هجي پر اسان کي دعا ضرور ڪرڻ گهرجي. ڪڏهن ڪڏهن اهڙيون آفتون جن مان نجات حاصل ڪرڻ ناممڪن لڳندو آهي، دعا جي برڪت سان انهن مان آزادي نصيب ٿي ويندي آهي، جيئن ته توهان بيان جي شروع ۾ ملاحظه ڪيو ته جڏهن ٽن ماڻهن سفر دوران رات گذارڻ لاءِ غار ۾ داخل ٿيا ته جبل تان هڪ چٽاڻ سِرڪي آئي جنهن جي ڪري غار جو منهن بند ٿي ويو ۽ انهن مسافرن جو غار مان نڪرڻ لڳ ڀڳ ناممڪن ٿي ويو پر انهن نيڪ ٻانهن الله پاڪ جي بارگاهه ۾ پنهنجي نيڪ عملن جو وسيلو پيش ڪري دعا گهري ته انهن جو مشڪل ترين مسئلو حل ٿي ويو.

اي عاشقانِ رسول! معلوم ٿيو ته دعا گهرندي نيڪ عملن جو وسيلو به پيش ڪري سگهجي ٿو. تنهنڪري اهڙو نيڪ عمل جيڪو اخلاص سان ڪيو ويو هجي، جيتوڻيڪ بظاهر معمولي هجي، مثلاً ڪنهن رضاءِ الٰهي حاصل ڪرڻ جي خاطر ڪنهن نابينا (انڌي) کي رستو پار ڪرايو هجي ته هو ان نيڪ عمل جو وسيلو پيش ڪري به دعا گهري سگهي ٿو.

## عمل جيترو ڏکيو اوترو ئي وزندار

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪو عمل جيترو ڏکيو هوندو، ميزانِ عمل ۾ اوترو ئي وزندار هوندو ۽ ان جو ثواب به اوترو ئي وڏيڪ ملندو. ان کي ائين سمجهو: مثال طور: ڪنهن شخص کي ڪم ڪار ڪان بلڪل واندڪائي هئي، روڊ تي ٽريفڪ به گهٽي نه هئي، هو روڊ پار ڪري رهيو هو ته اوچتو اُن کي هڪ نابينا شخص نظر آيو، جيئن

تہ هن ان نابينا جو هٿ پڪڙيو، پاڻ بہ روڊ پار ڪيائين ۽ ان کي بہ پار ڪرائي ڇڏيائين، يقيناً اُن کي ان نيڪ عمل جو ثواب ملندو پر ڇو تہ هي عمل ايترو ڏکيو نہ هو ڇوتہ ان وٽ وقت بہ هو، روڊ تي خاص ٽريفڪ بہ نہ هئي ۽ ان کي پاڻ بہ روڊ پار ڪرڻو هو.

ان جي ابتڙ هڪ شخص روڊ جي ڪناري پنهنجي دڪان تي وينو هو، ان وٽ گراهڪ جو رش هو، جيڪو مال هو وڪڻي رهيو هو اهڙو ئي مال ٻين دڪانن تي بہ وڪامجي رهيو هو، تنهنڪري گراهڪن کي سنڀالڻ بہ ضروري هو ڇوتہ معمولي غفلت سان گراهڪ هڪ دڪان ڇڏي ٻئي دڪان تي هليا ويندا آهن، پر ايتري ۾ ان دڪاندار جي نظر روڊ جي ڪناري بيٺل هڪ نابينا شخص تي پئي جيڪو روڊ پار ڪرڻ جي انتظار ۾ بيٺو هو، گاڏيون تيزيءَ سان ان جي پرسان گذري رهيون هيون ۽ ڪو بہ ڪيس روڊ پار ڪرائڻ وارو نہ هو. ان دڪاندار نہ پنهنجي گراهڪن کي ڏٺو ۽ نہ ئي ڪاروبار جو خيال ڪيائين بس جلديءَ سان پنهنجو دڪان ڇڏي ان نابينا وٽ آيو، ڪيس سلام ڪيائين پوءِ ان جو هٿ پڪڙي گاڏين جي رفتار گهٽ ٿيڻ جو انتظار ڪيائين ۽ پوءِ جيئن ئي ڪيس موقعو مليو هن ان نابينا کي روڊ پار ڪرائي ڇڏيو. پوءِ جڏهن واپس پنهنجي دڪان تي پهتو تہ گراهڪ هليا ويا هئا جنهن جي ڪري ڪيس دلي صدمو پهتو.

يقيناً هن صورت ۾ پهرين صورت جي مقابلي ۾ وڌيڪ ثواب ملندو ڇو تہ پهرين صورت ۾ روڊ پار ڪرائيندڙ کي مشڪلات جو سامنو نہ ڪرڻو پيو هو جڏهن تہ ٻي صورت ۾ دڪاندار کي مشڪلات

ڪٽڻ سان گڏ گراهڪن جي هلي وڃڻ جي ڪري مالي قرباني به ڏيڻي پئي. ڏسو! ٻنهي صورتن ۾ بظاهر عمل هڪ ئي آهي پر ٻنهي جي انداز، مشڪلات ۽ ڪوشش ۾ فرق آهي.

اهڙي طرح جڏهن وضو ڪرڻ ڏکيو هجي ان وقت وضو ڪيو وڃي ته وڌيڪ ثواب ملندو، مثال طور: ڪنهن جاءِ تي سخت سيءُ آهي، مسجد ۾ پاڻي گرم ڪرڻ لاءِ گيزر جو انتظام به ناهي ۽ پاڻي به گهڻو ٿڌو آهي، ته اهڙي صورت ۾ جنهن مسجد جي انتظاميه کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ کان سواءِ صبر جو دامن پڪڙيندي ۽ ڏڪندي ڏڪندي ٿڌي پاڻي سان وضو ڪيو ان کي ان شخص جي مقابلي ۾ وڌيڪ ثواب ملندو جنهن گرم پاڻي سان وضو ڪيو ڇو ته سخت سيءَ ۾ ٿڌي پاڻي سان وضو ڪرڻ ڏکيو عمل آهي.

اهڙي طرح جنهن لاءِ قرآن پاڪ پڙهڻ ڏکيو آهي ان کي ان شخص جي مقابلي ۾ وڌيڪ ثواب ملندو جنهن لاءِ قرآن پاڪ پڙهڻ آسان آهي.

## ماءُ پيءُ جي دل خوش ڪرڻ

اي عاشقانِ رسول! اوهان بيان جي شروعات ۾ جيڪو واقعو پڙهيو ان مان اهو به معلوم ٿيو ته ماءُ پيءُ جي دل خوش ڪرڻ الله پاڪ جي ويجهو پسنديده عمل آهي. ڏسو! غار ۾ داخل ٿيندڙ ٽن ماڻهن مان هڪ ماءُ پيءُ جو کهڙو نه چاهيندڙ هو جو پنهنجي ٻارن کي ان وقت تائين کير نه پياريندو هو جيستائين پنهنجي پوڙهي ماءُ پيءُ کي نه پياريندو هو، پوءِ جڏهن هڪ رات ماءُ پيءُ سمهي پيا ته انهن جي سيرانديءَ کان کير کڻي بيٺو رهيو ۽ پنهنجي ٻارن کي به

نہ پياريائين. جڏهن ماءُ پيءُ سجاڳ ٿيا تہ پهريان انهن کي کير پيش ڪيائين پوءِ پنهنجي گهر وارن کي پياريائين.

ان جي ابتڙ اڄ جي هن جديد دور ۾ ماءُ پيءُ کي ڪيتري اهميت ڏني ويندي آهي؟ خاص ڪري شاديءَ کان پوءِ ٻارن جي موجودگي ۾ ماءُ پيءُ جي اهميت ڪيتري وڃي بچي ٿي؟ سيئي ان کان واقف آهن. يادرکو! جيتوڻيڪ ماءُ پيءُ تڪليف جو باعث بڻجندا هجن تڏهن بہ ماءُ پيءُ جا حق ختم نٿا ٿي سگهن تنهنڪري اولاد کي هر صورت ۾ صبر کان ڪم وٺڻو پوندو. ماءُ جي حقن بابت هڪ روايت پڙهو:

## گوشت جو ٽڪرو ڪباب ٿي ويو ها

هڪ صحابي بارگاهہ رسالت ۾ عرض ڪيو: يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! هڪ رستي ۾ اهڙا گرم پٿر هئا جو جيڪڏهن انهن تي گوشت جو ٽڪرو رکيو وڃي ها تہ ڪباب ٿي وڃي ها، مان ڇهہ ميل تائين پنهنجي ماءُ کي پنهنجي ڪلهي تي سوار ڪري ڪٽي ويس، تہ ڇا مان ماءُ جي حقن کان آجو ٿي ويس؟ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: ”تنهنجي پيدائش جي سور جا جيترا جهٽڪا ان برداشت ڪيا آهن شايد هي انهن مان هڪ جهٽڪي جو بدلو هجي.“ (مجمع الزوائد، 254/8، حديث: 13394)

هن روايت مان معلوم ٿيو تہ اولاد کي والدين جي حقن کان فراغت حاصل نٿي ٿي سگهي چاهي هو انهن جي ڪيتري ئي خدمت ڇو نہ ڪري وٺي، تنهنڪري ماءُ پيءُ جي حقن جو خيال رکڻ تمام ضروري آهي. افسوس! اَڄڪلهہ معاشري ۾ ماءُ پيءُ سان نهايت ئي بُرو سلوڪ

ڪيو ويندو آهي ۽ ڪجهہ ماڻهو تہ ماءُ پيءُ کي بلڪل بہ اهميت ناهن ڏيندا.

ڪڏهن ڪڏهن اولاد کي ماءُ پيءُ کان اها شڪايت هوندي آهي تہ هو انهن جي اهڙن معاملن ۾ بہ دخل اندازي ڪندا آهن جن ۾ کين مداخلت نہ ڪرڻ گهرجي، تہ ان حوالي سان عرض آهي تہ چوتہ اهي ماءُ پيءُ آهن ان ڪري هر صورت ۾ انهن جو ادب ۽ احترام ضروري آهي. ڏسو! ماءُ پيءُ اسان جون ڪيتريون ئي خطائون برداشت ڪيون هونديون آهن، مثال طور: اسان ننڍپڻ ۾ کين ستائيندا رهياسين پر پوءِ بہ اهي اسان کي ڪارائيندا پياريندا رهيا، اسان رات جو دير سان گهر ايندا هئاسين تہ اهي ويچارا پنهنجي ننڊ قربان ڪري اسان جي انتظار ۾ جاڳندا رهندا هئا، اسان کي بخار ٿي پوندو هو تہ اهي سڄي سڄي رات اسان جي خدمت ڪندا هئا پر اسان جي شادي ڪرائي الائي اهي ڪهڙي غلطي ڪري ويهندا آهن جو شاديءَ ڪانپوءِ اسان کين اهميت ڏيڻ ڇڏي ڏيندا آهيون. ياد رهي! نہ تہ ٻارن جي ڪري ماءُ پيءُ تي ظلم ڪيو وڃي ۽ نہ ئي ماءُ پيءُ جي ڪري پنهنجي ٻارن تي ظلم ڪيو وڃي، ٻنهي جا حق پورا ڪرڻ ضروري آهن.

## مقبول حج جو ثواب

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ماءُ پيءُ کي ستائڻ جي بدران انهن جو ادب ۽ احترام ڪريو، انهن سان گهڻي همدرديءَ سان پيش اچو ۽ پيار محبت سان انهن جي زيارت ڪريو. ماءُ پيءُ ڏانهن رحمت جي نظر سان ڏسڻ جو بہ ڇا چوڻ، جيئن تہ الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: جڏهن اولاد پنهنجي ماءُ پيءُ ڏانهن

رحمت جي نظر ڪندو آهي تہ الله پاڪ ان لاءِ هر نظر جي بدلي حجِ مبرور (يعني مقبول حج) جو ثواب لکندو آهي. صحابہءِ ڪرام رضي الله عنهم عرض ڪيو: جيڪڏهن ڏينهن ۾ 100 ڀيرا نظر ڪري؟ فرمايائون:نَعَمْ !اَللّٰهُ اَكْبَرُ وَاَطْيَبُ يعني ها! الله سڀ کان وڏو آهي ۽ سڀ کان وڌيڪ پاڪ آهي. (شعب الايمان، 186/6، حديث: 7859)

ڪيترا خوش نصيب آهن اهي ماڻهو جن جا ماءُ پيءُ حيات آهن! اهڙن کي گهرجي تہ پنهنجي والدين جي خدمت ڪن، انهن سان نرميءَ سان پيش اچن، ڳالهائڻ مهل اکيون نہ ملائين، انهن کي ايندو ڏسي ادب ۾ بيهي رهن، انهن تي ڪاوڙ نہ ڪن، اهي گفتگو ڪري رهيا هجن تہ سندن ڳالهہ نہ ڪٽين، ڪين دڙڪا ڏيڻ کان پري رهن. ياد رکو! جيتوڻيڪ والدين بي نمازي هجن تڏهن بہ انهن جي تعظيم ڪئي ويندي چوتہ نماز نہ پڙهڻ انهن جو پنهنجو عمل آهي، البت انهن جي گناهن کان ضرور نفرت ڪئي ويندي.

اي عاشقانِ رسول! جو تہ ماءُ پيءُ اولاد کان عمر ۾ ڪافي وڏا هوندا آهن ان ڪري جيڪڏهن اولاد کين سڌو سنئون سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندو تہ شايد هو سمجهي نہ سگهندا تنهنڪري اولاد کي گهرجي تہ انهن جو ادب ۽ احترام ڪندو رهي، انهن جي اصلاح لاءِ کين دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ڪري ۽ سنتن ڀريا بيان ٻڌڻ جي ترغيب ڏياري، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! انهن جي اصلاح جو سامان ٿيندو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي سندن زندگيءَ ۾ مدني انقلاب اچي ويندو.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اوهان بيان جي شروعات ۾ جيڪو واقعو پڙهيو ان ۾ ٻڌايو ويو تہ غار ۾ داخل ٿيندڙ ٽن ماڻهن بارگاهہ خداوندي ۾ پنهنجي نيڪ عملن جو وسيلو پيش ڪيو جنهن جي برڪت سان غار جو منهن کلي ويو، تہ ان جو اهو مطلب ناهي تہ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ صرف نيڪ عملن جو وسيلو پيش ڪري سگهجي ٿو پر ياد رکو! نيڪ عملن سان گڏ نيڪ هستين جو وسيلو بہ پيش ڪري سگهجي ٿو.

هي ڪيئن ٿو ٿي سگهي تہ اسان پنهنجي نيڪين جو وسيلو تہ پيش ڪريون پر نيڪ ماڻهن جو وسيلو پيش نہ ڪري سگهون؟ حالانڪ اسان جي نيڪين جي وسيلي جي مقابلي ۾ نيڪ ماڻهن جو وسيلو وڌيڪ مضبوط آهي. اسان جون نيڪيون ڪٿي ۽ الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن مثال طور: انبياءِ ڪرا عَلَيۡهِمُ السَّلَام جون عظمتون ڪٿي؟ ۽ پوءِ سيدُ الانبياء صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو شان ۽ عظمت جو تہ ڇا چوڻ! الله پاڪ ڪانپوءِ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو شان ۽ عظمت سڀني کان وڌيڪ آهي.

## مهاجرين جي فُقرا جو وسيلو

الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ نيڪ عملن سان گڏ نيڪ شخصيتن جو وسيلو پيش ڪرڻ ثابت آهي، جيئن تہ حضرت سيدنا اُميّہ بن خالد رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ کان روايت آهي تہ رسولُ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مهاجرين جي فقراء جي وسيلي سان فتح طلب ڪندا هئا. (شرح السنة، 303/7، حديث: 3957)

## دامن جو ڏاڍو

نيڪ هستين سان ڳنڍ جيڪڏهن انهن سان نسبت رکندڙ شين جو وسيلو پيش ڪري به دعا گهري وڃي ته الله پاڪ قبول فرمائيندو آهي جيئن ته: ”اخبار الاخيار“ شريف ۾ آهي: سخت ڏڪار پيو، ماڻهن جي گهڻين دعائن جي باوجود برسات نه پئي. حضرت سَيِّدُنا نِظامُ الدِّين ابوالمُؤَيَّد رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پنهنجي امڙ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡها جي ڪپڙي جو هڪ ڏاڍو هٿ ۾ ڪٽي عرض ڪيو: اي الله! هي ان خاتون جي دامن جو ڏاڍو آهي جنهن تي ڪڏهن به ڪنهن نامحرم جي نظر ناهي پئي، منهنجا موليٰ! ان جي صدقي رحمت جي بارش وسائي ڇڏ! اجا دعا ختم ئي نه ٿي هئي ته رحمت جا ڪڪر ڇائنجي ويا ۽ رِم جهم برسات شروع ٿي وئي. (اخبار الاخيار، ص 294)

خبر پئي ته الله پاڪ جي بارگاهه ۾ نيڪ عملن سان ڳنڍ نه صرف نيڪ ماڻهن جو پر انهن سان نسبت رکندڙ شين جو وسيلو به پيش ڪري سگهجي ٿو. ڳڏوڳڏ معلوم ٿيو ته الله جي نيڪ ٻانهن سان جنهن شيءِ کي نسبت ٿي وڃي اها برڪت واري ٿي ويندي آهي.

## گناهه کان بچڻ جو وسيلو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! غار ۾ قيد ٿيندڙ ٻئي شخص الله پاڪ جي بارگاهه ۾ پنهنجي هڪ گناهه کان بچڻ جو وسيلو پيش ڪري دعا گهري هئي ۽ اهو گناهه به اهڙو هو جو بدڪاريءَ تي قدرت هجڻ جي باوجود الله پاڪ جي خوف کان باز رهڻ هو، جيڪو نفس تي تمام ڳرو آهي. ان کي ائين سمجهو ته ڪو شخص فلم ڏسي رهيو هجي ۽ فلم به اهڙي موڙ تي پهچي چڪي هجي جو وڏيڪ ڏسڻ جو تجسس

وڏي ويو هجي پر ايتري ۾ اوچتو ان جي دل ۾ خوفِ خدا پيدا ٿي وڃي ۽ ان جي ذهن ۾ اها ڳالهه اچي ته مون دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اجتماعي ۾ هي روايت ٻڌي هئي ته ”جيڪو پنهنجي اکين کي حرام سان ڀريندو قيامت جي ڏينهن ان جي اکين ۾ باهه ڀري ويندي.“ (مکاشفة القلوب، ص 10) جيئن ته هو الله پاڪ کان ڊڄندي فوراً توبه ڪري وٺي ۽ ان وقت فلم ڏسڻ ڇڏي ڏي ته ان جو هي عمل به هڪ نيڪي آهي ۽ هو پنهنجي هن عمل جو وسيلو پيش ڪري به الله پاڪ جي بارگاهه ۾ دعا گهري سگهي ٿو.

ان کي وڌيڪ هن مثال سان به سمجهي سگهجي ٿو ته ڪنهن شخص کي رستي تان سون جو هڪ لاڪيٽ مليو ۽ هن اهو کڻي ورتو، هاڻي ان جي نيت خراب ٿي ۽ هن ذهن بڻايو ته اڄ بنا گهرڻ جي دولت هٿ اچي وئي آهي ان کي وڪڻي پنهنجي استعمال ۾ آڻيندس پر هڪدم کيس احساس ٿيو ته هي لاڪيٽ منهنجي لاءِ حرام آهي تنهنڪري مون کي هن جي مالڪ تائين پهچائڻ گهرجي. جيئن ته خوفِ خدا جي ڪري هن اهو سون جو لاڪيٽ مالڪ تائين پهچائي ڇڏيو، ته کيس هن عمل جو به ثواب ملندو ۽ هو ان جو وسيلو پيش ڪري دعا گهري سگهي ٿو.

اي عاشقانِ رسول! ڪڏهن ڪڏهن گناهه تي شرمندگي (ندامت) اهو ڪم ڪري ويندي آهي جيڪو نيڪي ناهي ڪري سگهندي، ان معنيٰ ۾ ته ٻانهو نيڪي ڪري ايترو ثواب ناهي ماڻي سگهندو جيترو گناهه

تي ندامت جي ڪري ماڻي ونندو آهي. هن سلسلي ۾ هڪ ايمان افروز واقعو پڙهو:

## ٻہ جنتون عطا ڪيون ويون

حضرت علامہ جلال الدين سيوطي شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نقل فرمائن ٿا تہ مسلمانن جي ٻئين خليفي حضرت سَيِّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي دور ۾ هڪ نيڪ نوجوان هوندو هو جيڪو گهڻو وقت مسجد ۾ گذاريندو هو. پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ان جي نيڪيءَ جي ڪري اُن کي تمام گهڻو پسند ڪندا هئا. ان نوجوان جو پيءُ پوڙهو هو، عشاء جي نماز پڙهي هو پنهنجي پيءُ جي خدمت لاءِ گهر هليو ويندو هو. مسجد ۽ گهر جي وچ ۾ هڪ عورت رهندي هئي جيڪا ان نوجوان تي عاشق ٿي وئي هئي، هوءَ روزانو ڪيس پاڻ وٽ گهرائيندي هئي پر هو ان ڏانهن توجهہ نہ ڏيندو هو. آخرڪار هڪ ڏينهن شيطان ان نوجوان تي غالب ٿي ويو ۽ ڪيس گناهہ تي آماده ڪيائين. جڏهن اهو نوجوان ان عورت جي دعوت تي گناهہ جي ارادي سان ان ڏانهن وڌيو ۽ گهر جي دروازي تي پهتو تہ اوچتو مٿس خوفِ خدا غالب آيو ۽ سندس زبان تي بي ساختہ هيءَ آيت جاري ٿي وئي:

اِنَّ الَّذِيْنَ اتَّقَوْا اِذَا مَسَّهُمْ طٰٓىِٕفٌ مِّنَ الشَّيْطٰنِ تَذَكَّرُوْا فَاِذَا هُمْ مُّبْصِرُوْنَ ﴿۲۰۱﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: بيشڪ پرهيزگارن کي جڏهن شيطان جي طرف کان ڪو خيال ايندو آهي تہ اهي (خدا جو حڪم) ياد ڪندا آهن پوءِ انهيءَ وقت انهن جون اکيون کُلي ونديون آهن. (سيپارو: 9، الاعراف: 201)

اهو نوجوان بيهوش ٿي ڪري پيو. ان عورت پنهنجي ٻانهيءَ کي گهرايو ۽ ٻنهي گڏجي ان کي کِڻي وڃي پيءُ جي دروازي تي اڇلايو. هوڏانهن پيءُ خيال ڪيو ته اڃا تائين پٽ گهر ڇو نه آيو؟ جڏهن هو ڳولهڻ لاءِ نڪتو ته پنهنجي پٽ کي بيهوش ڏٺائين. ڪجهه ماڻهن جي مدد سان پٽ کي کڻي گهر آيو. جڏهن پٽ کي هوش آيو ته پيءُ پڇيو: پٽ ڪهڙي ڳالهه آهي؟ پٽ سچو واقعو ٻڌائي ڇڏيو، پيءُ پڇيو: توکي ڪهڙي آيت ياد آئي هئي؟ جڏهن هن ٻيهر اها ئي آيت والد صاحب کي ٻڌائي ته وري مٿس خوفِ خدا جو غلبو ٿيو ۽ هو بيهوش ٿي زمين تي ڪِري پيو، ڪيس اها ندامت ٿي ته هن اهڙي گندي ڪم ڏانهن قدم ڇو کنيو؟ جڏهن ڪيس لوڏي ڏنو ويو ته خوفِ خدا جي ڪري سندس روح پرواز ڪري چڪو هو. ڪيس غسل ڏئي رات جو ئي دفن ڪيو ويو. صبح جو جڏهن اميرُ المؤمنين سيدنا فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کي خبر پئي ته پاڻ تعزيت لاءِ ويا ۽ فرمايائون: اسان کي رات جو اطلاع ڇو نه ڏنو ويو؟ عرض ڪيو ويو: رات جو اوهان کي تڪليف ڏيڻ مناسب نه سمجهوسين. فرمايائون: مون کي ان جي قبر تي وٺي هلو. جيئن ته پاڻ قبر تي ويا ۽ سورهءِ رحمٰن جي هيءَ آيت تلاوت ڪيائون:

وَلِمَنْ خَافَ مَقَامَ رَبِّهٖ جَنَّتٰنِ ﴿۴۶﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ جيڪو پنهنجي رب جي حضور بيهڻ کان ڊڄي ان جي لاءِ ٻه جنّتون آهن. (سيپارو: 27، الرحمٰن: 46)

ان نوجوان قبر جي اندران جواب ڏنو: اي عمر! بيشڪ منهنجي رب مون کي اهي ٻہ جنتون عطا فرمائي ڇڏيون آهن. (شرح الصدور، ص 213 ماخوذاً)

اي عاشقانِ رسول! ڏٺو اوهان! ان نوجوان کي گناهہ کان بچڻ تي ڪيتري وڏي جزا ملي جو الله پاڪ ان کي ٻہ جنّتون عطا فرمايون.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اوهان بيان جي شروعات ۾ جيڪو واقعو ٻڌو ان ۾ ٽئين شخص جو نيڪ عمل هي هو تہ هن مزدور جي اُجرت ڪاروبار ۾ لڳائي ۽ سڄو نفعو مزدور کي ڏئي ڇڏيو حالانڪ ائين ڪرڻ شرعي طور تي مٿس واجب نہ هو. اڄ جي دور ۾ اهڙي ديانتداري ملڻ تمام ڏکي آهي. اڄ جيڪڏهن ڪو مزدور اجرت کڻڻ کان سواءِ هليو وڃي تہ اسان جو نفس چوندو تہ هو پاڻ ڇڏي ويو، اسان جو ڪهڙو ڏوهہ آهي؟ پر ان شخص جي سخاوت ڏسو جو نفعي سميت مال واپس ڪيائين. ڏسو! هن مزدور جي مزدوريءَ مان حاصل ٿيندڙ نفعو گهٽ نہ هو، بلڪ جيڪڏهن اڄوڪي دور جي حساب سان ان جي ماليت جو اندازو لڳايو وڃي تہ شايد لکين ڪروڙين رپيا ٺهجي وڃن، پر هن (مالڪ) سڄو مال مزدور کي ڏئي ڪيس حيرت ۾ وجهي ڇڏيو. موجوده زماني ۾ ديانتداريءَ جو اهڙو مثال ملڻ تمام ڏکيو آهي. اڄ جيڪڏهن ڪو مزدور پنهنجي اجرت ونڻ کان سواءِ هليو وڃي تہ اسان جو نفس اسان کي اهو ئي مشورو ڏيندو تہ ڏس! هو پنهنجي مزدوري پنهنجي مرضيءَ سان ڇڏي ويو آهي، ان ۾ تنهنجو ڪهڙو ڏوهہ آهي؟ پوءِ اسان وڌ ۾ وڌ مٿس اهو احسان ڪنداسين تہ جيڪڏهن هو ڪڏهن گهرڻ آيو تہ کيس اوتري ئي مزدوري ڏئي ڇڏينداسين جيتري سندس ٺهجي ٿي. جيتوڻيڪ اها (مزدوري جي

ادائيگي) بہ ڪافي آهي، پر غار ۾ قيد ان شخص جي سخاوت ۽ ايثار جي جذبي جو ڇا چوڻ! پهريان هن مزدور جي رقم ڪاروبار ۾ لڳائي ان ڪي وڌايو ۽ پوءِ سمورو مال ان جي حوالي ڪري ڇڏيائين.

افسوس! مال جو معاملو تمام ڏکيو آهي. اڄ ڪلهہ جا سرمائيدار ماڻهو زڪوات ڏيڻ جي معاملي ۾ تمام گهڻي ٽال مٽول کان ڪم وٺندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي تہ زڪوات جو حقدار سرمائيدارن کي گهڻيون منٿون ۽ سندن خوشامدون ڪندو آهي پر اهي ان ويچاري کي بار بار گهرائي ذليل ڪندا آهن ۽ پوءِ ايترو گهٽ مال ڏيندا آهن جو سندس گذارو ئي نہ ٿي سگهندو آهي.

بهرحال، غار ۾ قيد ٽئين شخص جو مزدور کي نفعي سميت سندس مزدوري ڏيڻ وارو عمل ايترو عظيم ۽ زبردست هو جو جڏهن هن پنهنجي ان نيڪ عمل جو وسيلو پيش ڪري الله پاڪ کان دعا گهري تہ ان جي برڪت سان ڇپ غار جي منهن تان بلڪل هٽي وئي ۽ اهي ٽئي مسافر آسانيءَ سان غار مان ٻاهر نڪري آيا.

## محالِ عادي (ناممڪن) جي دعا نہ ڪرڻ گهرجي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ ڪا پريشاني اچي، ننڍي هجي يا وڏي، ان جي حل جي لاءِ تدبير ڪرڻ ممڪن هجي يا ناممڪن، الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ ان جي حل لاءِ دعا ضرور ڪرڻ گهرجي. ها! جيڪي شيون محالِ عادي آهن (يعني جيڪي عام حالتن ۾ ناممڪن آهن) انهن جي دعا نہ ڪري سگهون، مثال طور: دستِ غيب جي دعا نہ ڪري سگهون ٿا ڇو تہ هي محالِ عادي آهي ۽ اهڙي دعا ڪرڻ ناجائز

۾ حرام آهي. دستِ غيب (يعني بغير ڪنهن ظاهري ذريعي جي رقم ملڻ) جي دعا ڪرڻ جيئن تہ اي الله! جڏهن مان مصلي هينان هٿ وجهان تہ مٺ نوٽن سان ڀرجي وڃي وغيره. البت هن طرح دعا ڪري سگهجي ٿي تہ اي الله! منهنجي روزي ۾ برڪت ڏي يا مون کي روزگار جا ذريعا عطا فرماءِ.

ياد رکو! جيڪي شيون محالِ عادي ناهن انهن جي دعا گهري سگهجي ٿي. مثال طور: منهنجي تنگدستي دور ٿي وڃي، مون کي سٺي ۽ آسان نوڪري ملي وڃي، منهنجي پگهار وڌي وڃي، منهنجو پنهنجو ڪاروبار ٿي وڃي، مون کي پنهنجو ذاتي گهر ملي وڃي، منهنجون بيماريون دور ٿي وڃن. منهنجي ٻار جي بيماري دور ٿي وڃي وغيره وغيره. بدقسمتيءَ سان اسان جو رجحان دعا جي بدران تدبير ڏانهن وڌيڪ هوندو آهي، اسان ظاهري سبب ڏانهن گهڻو ڊوڙندا آهيون حالانڪ جيڪڏهن نظر خالقِ اسباب تي ٿي وڃي تہ اسباب پاڻ ڊوڙي اسان وٽ پهچي ويندا.

اي عاشقانِ رسول! ڪنهن مشڪل جي حل لاءِ الله جي نيڪ ٻانهن کان فرياد ڪرڻ ۾ بہ ڪو حرج ناهي ۽ پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تہ سڀني نيڪ ٻانهن جا سردار آهن تنهنڪري پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان بہ فرياد ڪرڻ ۾ بہ ڪو حرج ناهي. الله پاڪ پنهنجي حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي گهڻيون طاقتون عطا فرمايون آهن. ۽ اهي اسان جو فرياد ٻڌي مدد ڪري سگهن ٿا. ڏسو! جڏهن اسان ڊاڪٽر صاحب کي گذارش ڪندا آهيون تہ ڊاڪٽر صاحب! اسان جي ٻار کي نيڪ ڪري ڇڏيو تہ الله


پاڪ جا پيارا حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيڪي طبيبن جا طبيب آهن جيڪڏهن انهن جي بارگاهه ۾ ڪو اُمَّتي تڙپي ڪري فرياد ڪري ته ”يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان منهنجي ٻار تي نظرِ ڪرم ڪري ڪيس نيڪ ڪري ڇڏيو“ ته ان ۾ ڪهڙو حرج آهي؟ اهڙيءَ طرح ” جڏهن اسان جي ڪا شيءِ چوري ٿيندي آهي ته اسان سائنسي ڪنيڪشن ذريعي يعني فون ڪري مددگار پوليس کان رابطو ڪندا آهيون“ ته ”جيڪڏهن اسان روحاني ڪنيڪشن بيڪسن جي مددگار، محبوبِ پروردگار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان فرياد ڪريون“ ته ان ۾ حرج ڪهڙو آهي؟

واللہ! وہ سُن لیں گے فریاد کو پہنچیں گے اِتنا بھی تو ہو کوئی جو آہ! کرے دل سے

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! علمِ دين سکڻ سيکارڻ ۽ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري پياري سنتن تي عمل جو جذبو ماڻڻ لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي قافلن ۾ سفر ڪي پنهنجو معمول بڻايو. هر اسلامي ڀاءُ زندگيءَ ۾ هڪ ڀيرو 12 مهينا، هر سال هڪ مهينو ۽ هر مهيني ۾ گهٽ ۾ گهٽ 3 ڏينهن جي قافلي ۾ سفر ڪري. ۽ ممڪن هجي ته قافلا ڪورس ڪري وٺي ته جيئن قافلا تيار ڪرڻ ۾ گهٽي مشڪل پيش نه اچي ۽ سيني ديني ڪمن تي استقامت ماڻڻ جي لاءِ ”نيڪ اعمال“ تي عمل ڪريو ۽ روزانو رسالو پُر ڪري مهيني جي پهرين تاريخ تي پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ايندڙ هفتي جو رسالو




فیضانِ مدینہ محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی

UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278

www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net

feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net